

# سڪرات ۽ قبر جون

# سختيون

15th Shaban 1442 / 29-March-2021



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اجتماعِ شب براءَت جو بيان 1442 ھ، (29 مارچ 2021ء)

# سڪرات ۽ قبر جو سختيون

هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگهندؤ

❖...شَبِ بَرَاءَت جون فضيلتون

❖...خواجہ بهاءُ الدّين زڪريا ملتاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي رِقَّت انگيز حڪايت

❖...نزع ۽ قبر جون سختيون

❖...روزِ محشر جو رقّت انگيز تصور

❖...بزرگانِ دين جي خوفِ خدا بابت سبق آموز حڪايتون

پيشڪش

مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ(دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# سڪرات ۽ قبر جون سختيون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي ڪري (يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو.)

## درود پاڪ جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: توهان پنهنجي مجلسن کي مون تي درودِ پاڪ پڙهي آراستہ ڪريو ڇو تہ توهان جو مون تي درود پڙهڻ قيامت جي ڏينهن توهان جي لاءِ نور هوندو. (جامع صغير، صفحہ:280، حديث:4580۔)

تیری اِک اِک ادا پر اے پیارے سَو درودیں فدا، ہزار سلام
رَبِّ سَلِّم کے کہنے والے پر جان کے ساتھ ہوں نثار سلام
وہ سلامت رہا قیامت میں پڑھ لئے جس نے دِل سے چار سلام

(ذوقِ نعت، صفحہ:170-171)

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاھون جھڪائي پوري توجھ سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويھڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگھيو ٻئي گوڏا وچائي ويھندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گھوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ ڪان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! اُذْكُرُ الله , تُوبُوا اِلَی الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان ڪان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! اڄ شَعبَانُ المُعَظَّم جي پندرھين رات يعني شَبِ بَرَاءَت آھي، اڄ نجات ماڻڻ واري رات آھي، اڄ ڀلائين ڀري رات آھي، اڄ برڪتن ڀري رات آھي، اڄ عظمتن ڀري رات آھي، رحمتن جي ڇماڇم برسات آھي، اڄ بخشش ڀري رات آھي، اڄ جھنّم ڪان ڇوٽڪاري واري رات آھي، ھن رات رَبِّ ڪائنات پنھنجي ٻانھن تي خوب رحمتون نازِل فرمائيندو آھي، اڄ دُعائون قبول ٿيڻ جي رات آھي، اڄ روزي تقسيم ٿيڻ جي رات آھي، ھن رات ۾ رزق جي برڪت جي لاءِ جيڪا دُعا گُھري وڃي، قبول ٿيندي آھي، سڄي سال جي رزق جو اڄ جي رات فيصلو ٿيندو آھي، اڄ جي رات اھا عظيم رات آھي جو اسان

جي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جڏهن شعبان جي وچين (يعني پندرهين) رات اچي ته ان رات قيام (يعني عِبادت) ڪيو، ڏينهن جو روزو رکو، بيشڪ هن رات سج لهندي ئي الله پاڪ پنهنجي شايانِ شان آسمانِ دُنيا تي تجلي فرمائي ارشاد فرمائيندو آهي: ❖ ”اَلَا مِنۡ مُسۡتَغۡفِرٍ لِيۡ فَاَغۡفِرَ لَهٗ“ آهي ڪو مون کان بخشش گهرڻ وارو جو مان ان کي مُعَاف ڪيان ❖ ”اَلَا مُسۡتَرۡزِقٌ فَاَرۡزُقَهٗ“ آهي ڪو رِزق گهرڻ وارو جو ان کي رزق عطا ڪيان ❖ ”اَلَا مُبۡتَلًى فَاُعَافِيَهٗ“ آهي ڪو پريشان حال جو مان ان جي پريشاني دُور ڪيان، آهي ڪو اهڙو، آهي ڪو اهڙو، فجر ٿيڻ تائين اهو اِعلان ٿيندو رهندو آهي. (ابن ماجه، صفحه:225، حديث:1388)

اي عاشقانِ رسول! اڄ دوزَخ کان ڇوٽڪاري جي رات آهي، حديثِ پاڪ مطابق هن رات بنو ڪلب جي ٻڪرين جي وارن جي تعداد جي برابر گنهگارن کي جهنّم کان آزاد ڪيو ويندو آهي، (اَلتَّرْغِيْب وَالتَّرْهِيْب، صفحه:351، حديث:11) بنو ڪلب عرب جو هڪ قبيلو هو، ڪتابن ۾ لکيل آهي: اهو قبيلو تمام گهڻيون ٻڪريون پاليندو هو. (مِرْقاة شرح مشکوٰة، ڪتابُ الصَّلاة، جلد:3، صفحه:339، حديث:1299)

سُبحٰنَ الله! هڪ ٻڪري جي جسم تي ڪيترا وار هوندا آهن، ڪير ان جي ڳڻپ ڪري سگهي ٿو؟ خبر پئي ته اڄوڪي رات هزارين، لکين بلڪ ڪروڙين ماڻهن جي بخشش ڪئي ويندي آهي.

مغفرت کا ہوں تجھ سے سُوالی — پھیرنا اپنے دَر سے نہ خالی
مجھ گنہگار کی التجا ہے — یاخُدا تجھ سے میری دُعا ہے
نارِ دوزخ سے مجھ کو اماں دے — مغفرت کر کے باغِ جِناں دے
کر دے رَحمت مری التجا ہے — یاخُدا تجھ سے میری دُعا ہے[1]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1...وسائل بخشش، صفحه:136.

اي عاشقانِ رسول! اسان ٻڌو! اڄ جي رات الله پاڪ لکين ٻانهن جي مغفرت فرمائي انهن کي دوزخ کان آزادي عطا ڪندو آهي پر افسوس! ڪيترو بدنصيب آهي اهو انسان جيڪو اڄ بہ پنهنجي بخشش نہ ڪرائي سگهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: ڇهہ (6) ماڻهو آهن، جن جي هن رات بہ بخشش ناهي ٿيندي: (1): شراب جو عادي، (2): ماءُ پيءُ جو نافرمان، (3): زِنا جو عادي، (4): رشتو ٽوڙڻ وارو، (5):تصوير بنائڻ وارو، (6): ۽ چغل خور. (فضائلُ الْاَوقات، صفحہ:33، حديث:36)

ڪن روايتن جي مُطَابِق ❖ ڪاهن (يعني نجومي) ❖ جادُوگر ❖ تڪبر سبب پاجامو يا گوڏ پيڏين کان هيٺ لٽڪائڻ وارو ❖ مسلمان سان بلا اجازتِ شرعي بغض ۽ ڪينو رکڻ (يعني دِل ۾ دُشمني لڪائڻ) وارا بہ هن رات مغفرت جي سَعَادت کان محروم رهندا آهن. (آقا کا مہینا، صفحہ:11)

الامان والحفيظ! الله پاڪ اسان سڀني کي هنن سمورن گُناهن کان محفوظ فرمائي ۽ اڄوڪي رات مغفرت ۽ بخشش جي نعمت عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِيۡن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

آئی شَبِ براءَت، یہ ہے برکتوں کی رات — لطف و کرم کی رات ہے، یہ رحمتوں کی رات
بارانِ فضل ہوتا ہے اس شب کو ہر گھڑی — خوش بخت ہے جسے ملی یہ عظمتوں کی رات
جو چاہتے ہو، تم کو کرے گا خدا عطا — اس کی عنایتوں کی ہے یہ نعمتوں کی رات
غم کا علاج آج کی شب دستیاب ہے — یہ جاں فزا ہیں ساعتیں، یہ فرحتوں کی رات
کر لو مرض کے واسطے رب سے دُعا ابھی — یہ ہے شفا کی رات، یہ ہے راحتوں کی رات
دامن بڑھاؤ مانگ لو خیراتِ مغفرت — اے عاصیو! ہے جلوہ نما رافتوں کی رات
راضی کرو تمام جو ناراض تم سے ہیں — صلح وصفا کی رات ہے، یہ قُربتوں کی رات

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! اڄوڪي رات ڦٽاڪا ڦاڙڻ جي رات ناهي، موٽر سائيڪلن تي وَن ويلنگ ڪرڻ، هُل ڪرڻ، راند روند، شور مچائڻ، هنگامو ڪرڻ، هوائي فائرنگ ڪرڻ، پيسن ۽ وقت کي ضايع ڪرڻ، ٻارن کي آتش بازي جو سامان ڏياري انهن جون عادتون خراب ڪرڻ جي رات ناهي بلڪ اڄوڪي رات عِبَادت جي رات آهي.

اڄ رات تہ اها رات آهي جو هن سال ۾ ايندڙ شب براءَت تائين جيڪي مرڻ وارا آهن انهن جي بہ لسٽ تيار ٿيندي آهي، رب پاڪ ڄاڻي ٿو اسان جي قسمت ۾ ڇا لکيو ويندو، خدانخواستہ اسان راند روند ۾ لڳل رهياسين ۽ هوڏانهن اسان جي حق ۾ ڪجھ جو ڪجھ لکيو وڃي تہ اسان جو ڇا ٿيندو؟

اڄ عِبَادت جي رات آهي، اڄ جي رات عبادت ئي ۾ گذارڻ گهرجي. ڦٽاڪا وڄائڻ، آتش بازيون ڪرڻ، هُل ڪرڻ، اهو اسان جو ڪم نہ آهي، اسان جو ڪم آهي: الله پاڪ کي ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي راضي ڪرڻ ۽ اڄ الله پاڪ کي راضِي ڪرڻ ئي جي رات آهي، اڄ سچي توبہ ڪري الله پاڪ کي راضي ڪرڻ، ان سان صلح ڪرڻ جي رات آهي.

ہر طرف چھائی ہے رحمت کی گھٹا آج کی رات ... کِشتِ اُمّید پہ ہے فَضلِ خُدا آج کی رات
پائیں گے سارے طلب سے بھی سِوا آج کی رات ... کس قدر جوش پہ ہے حق کی عطا آج کی رات
مہرباں کتنا ہے بندوں پہ خُدا آج کی رات ... مغفرت ڈھونڈتی پھرتی ہے گنہ گاروں کو
آسمانوں سے یہ آتی ہے صدا آج کی رات ... کوئی محروم نہ رہ جائے زمیں پر سائِل
رَبِّ اکبر کی کرو حمد وثنا آج کی رات ... آج کی رات نہ غفلت میں گزاری جائے

الله پاڪ اڄ جي هن بابرڪت رات جي صدقي اسان سڀني کي مغفرت جي خيرات نصيب فرمائي، سچي توبہ جي توفيق ملي، گناهن کان نفرت ٿئي،

نيڪين جي ڪثرت ٿئي، اللّٰه پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رضا اڄوڪي رات اسان سڀني کي نصيب ٿي وڃي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّی اللّٰه عليه واٰله وسلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اللّٰه پاڪ جي خفيہ تدبير جو خوف

**اي عاشقانِ رسول!** اللّٰه پاڪ جا ڪروڙ احسان آهن جو ان اها رحمتن، بخشش ڀري رات اسان کي عطا فرمائي، بس ان جي رحمت ٿي وڃي ۽ محبوبِ رحمٰن، سلطانِ عالميان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عِنَايت ڀري نظر ٿي وڃي تہ شايد اسان گنهگارن جي بخشش جي ڪا صُورت بڻجي وڃي، نہ تہ مُعَامَلو نهايت نازُڪ آهي. شيخ الاسلام حضرت بهاء الدين زڪريا ملتاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سان ڪير واقف نہ هوندو...! پاڻ ڇهين صدي هجري جا مشهور ۽ معروف بزرگ، وڏي رُتبي وارا عالِم، عابِد، زاهد، متقي، پرهيز گار ۽ ڪامِل ولي ٿي گذريا هئا. هڪ ڀيري پاڻ تي خوفِ خُدا جو ايترو غلبو ٿيو جو پاڻ حُجري شريف ۾ داخِل ٿي دروازو بند ڪيائون ۽ سجدي ۾ وڃي توبہ ۽ استغفار ڪرڻ لڳا، اکين مان لڙڪ جاري هئا، خوفِ خُدا سبب سينو سَڙي رهيو هو، ايترو رُنا جو مُصَلّو لڙڪن سان آلو ٿي ويو، سندن صاحبزادا ۽ مريدَ اوچتو هن حالت سبب سخت پريشان ٿيا، حضرت بهاء الدين زَڪرِيا ملتاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي تڙپي تڙپي روئڻ جو آواز سڀني جو سينو چيري رهيو هو، دِليون ڏڪي رهيون هيون، صاحبزادا ۽ مُرِيد هر هر حُجري شريف جو در ڪڙڪائي رهيا هئا، التجائون ڪري رهيا هئا: عالي جاه! دروازو کوليو! پر شيخ الاسلام حضرت بهاء الدين زَڪرِيا ملتاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه خوفِ خُدا ۾ غرق، سڀني کان بي نياز ٿي دانهون ڪري روئي رهيا هئا، نيٺ سندن پوٽي شاهہ رُڪنِ عالم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي گهرايو ويو، حضرت بهاء الدين زڪريا ملتاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي پوٽي سان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا، شاهہ رُڪنِ عالم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه دروازي کي ڪڙڪايو ۽ 2، 3 ڀيرا زور سان آواز ڏنائون: ڏاڏا سائين!

دروازو کوليو...!! هاڻي حضرت شيخ الاسلام رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ اُٺي دروازو کوليو، شاهه رُڪنِ عالم رَحۡمَۃُاللہِعَلَیۡہ کي اندر اچڻ جي اجازت ملي.

شاهه رُڪنِ عالم رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ اندر پهتو ۽ اهو ڏسي حيران ٿي ويو تہ رَوئي رَوئي حضرت شيخ الاسلام رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جون اکيون سُڄي چڪيون آهن، پاڻ ايترا رُنا جو لڙڪ ختم ٿي ويا ۽ هاڻي سندن مبارڪ اکين مان رت جا ڦڙا ڪِري رهيا هئا. اهو دِل ڏڪائيندڙ منظر ڏسي شاهه رُڪنِ عالم رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ عرض ڪيو: ڏاڏا سائين! ايترو روئڻ جو سبب ڇا آهي؟ حضرت شيخ الاسلام رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جن جيڪو فرمايو، ان کي دِل جي ڪنن سان ٻڌو! ارشاد فرمايائون: پٽ! مون عالَمِ مُڪاشَفہ ۾ ڏٺو تہ هڪ شخص آهي، ان جو نالو بہ ”بهاء الدين“ آهي، زُهد وتقويٰ ۾ صاحبِ ڪمال آهي، عِلم وعمل ۾ پنهنجي وقت جو سردار آهي، ان جو انتقال ٿيو، وڏي عرصي جي عِبَادت، تقويٰ ۽ پرهيز گاري ان جي ڪجهہ ڪم نہ آئي، ان جا سمورا عمل ان جي منهن تي هنيا ويا ۽ ايمان ڪسجي ويو، ان شخص جو اهو حال ڏسي مون تي خوف طاري ٿي ويو تہ هڪ هو بهاء الدين هو، جنهن جي عبادت ۽ اطاعت ان جي ڪنهن ڪم نہ آئي ۽ ان جو ايمان ڪسيو ويو ۽ هڪ مان آهيان، خُدا ڄاڻي مون سان ڪهڙو مُعَاملو ٿيندو.

کاش کہ نہ دُنیا میں پیدا مَیں ہوا ہوتا | قبر وحَشر کا سب غم ختم ہو گیا ہوتا
دو جہاں کی فکروں سے یُوں نجات مل جاتی | میں مدینے کا سچ مُچ کُتّا بن گیا ہوتا
آہ! سلبِ ایماں کا خوف کھائے جاتا ہے | کاش کہ مری ماں نے ہی نہیں جنا ہوتا

(وسائل بخشش، صفحہ:158تا160)

حضرت بهاء الدين زَڪرِيا ملتاني رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ خوفِ خدا ۾ تڙپندي وڏيڪ فرمايو: پٽ: روزِ ميثاق (يعني:) عالَمِ اَرواح ۾ جڏهن الله پاڪ سيني رُوحن کي گڏ ڪيو، ارشاد ٿيو: ”اَلَستُ بِرَبِّکُم“ ڇا مان توهان جو رب نہ آهيان؟ رُوحن اقرار ڪندي چيو: ”بَلٰی“ موليٰ! ڇو نہ، تُون ئي اسان جو رَب آهين. هاڻي سمورن

رُوحن کي حڪم ٿيو: مان توهان جو رَبّ آهيان، مون کي سجدو ڪيو. ان حڪم تي ڪيئي رُوح سجدي ۾ ڪري پيا ۽ ڪيئي بيٺل رهيا، الله پاڪ ٻيهر سجدي جو حڪم ڏنو، هن ڀيري ڪجهه وڌيڪ روح سجدو ڪرڻ وارن سان ملي ويا ۽ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ سجدو ڪيائون، اهي ٻئي گروهه مُخلِص چَورايا، جن پهرين حڪم تي سجدو ڪيو اهي مَسعُود (يعني سَعَادت مند ٿيا) ۽ جن ٻي حڪم تي سجدو ڪيو اهي مَحمُود (يعني ساراهه لائق) ٿيا پر جن الله پاڪ جو حڪم نه مڃيو، ٻنهي ڀيري سجدو نه ڪيائون اهي دُنيا ۽ آخرت ۾ نقصان ۾ رهيا. ايترو فرمائڻ کان پوءِ شيخ الاسلام حضرت بهاء الدين زڪريا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تڙپي چيو: پٽ! مون کي خبر ناهي ته مان کهڙي گروهه ۾ هئس، افسوس! جيڪڏهن منهنجو بي شُمار نقصان ڪٽڻ وارن مان ٿيو ته منهنجو ڇا ٿيندو..؟

| | |
|---|---|
| آہ! رُسوائی کی آفت میں پھنسوں گا یارَبّ | آج بنتا ہوں معزز جو کھلے حشر میں عیب |
| ہائے میں نارِ جہنّم میں جلوں گا یارَبّ | گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہو گی |
| میں جہنّم کی سزا کیسے سہوں گا یارَبّ | دَرْدِ سَر ہو یا بُخار آئے تڑپ جاتا ہوں |
| گر کرم کر دے تو جنّت میں رہوں گا یارَبّ | عَفْو کر اور سدا کے لئے راضی ہو جا |

(وسائل بخشش، صفحه:85)

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت بهاء الدين زَڪرِيا ملتاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪامِل ولي هئا ۽ سندن پوٽا حضرت شاهه رُڪنِ عالم به پيدائشي ئي وِلايت واري درجي تي فائِز هئا، الله پاڪ سندن کي قُطبِيتِ عُظمٰي جو درجو عطا ڪيو هو، جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ڏاڏا سائين حضرت بهاء الدين زڪريا ملتاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا خوفِ خُدا ۾ ٻڌل جملا ٻڌا ته اَدب سان عَرض ڪيائون: ڏاڏا سائين! اوهان تسلي رکو! اوهان جو رُوح مبارڪ مُخلِصن مان هو، اوهان ان گروهه ۾ آهيو جن الله پاڪ جي بارگاهه ۾ سجدو ڪيو هو، منهنجو رُوح به ته ان وقت اتي هو، مون کي چڱي طرح ياد آهي ته ان ڏينهن اوهان جو روح غوثن جي صَف ۾ هو ۽ مان

قطبن جي صف ۾ هئس، مون ڏٺو ته اوهان جو رُوح غوثن جي صَف ۾ بيهي الله پاڪ جي حمد ۽ ثنا ڪري رهيو هو. پياري پوٽي جي اها ڳالهه ٻڌي حضرت بهاء الدين زڪريا ملتاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪي ٿوري تسلي ٿي ۽ پاڻ عاجزي ۽ انڪساري سان الله پاڪ جي بارگاهه ۾ سجدهءِ شڪر ادا ڪيو، پوءِ ٻاهر تشريف فرما ٿي مُرِيدن کي شَربتِ ديدار سان مشرف فرمايو. (فيضان بہاء الدين زکريا ملتانی، صفحہ:44-45بتغير قليل)

خدا نے فیض ہے بخشا، بہاءُ الدّیں ملتاں کا ملا ہے دامنِ والا بہاءُ الدّیں ملتاں کا

ملے گا حشر میں سایہ بہاءُ الدّیں ملتاں کا کہ میں ہوں چاہنے والا، بہاءُ الدّیں ملتاں کا

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! قبر ۽ آخرت جو معاملو ڪيترو نازُڪ آهي، ايڏي بلند رُتبي وارا ولي سڳورا جن جون راتيون عبادت ۾ گذرنديون هيون، ڏينهن جو روزو رکندا هئا، ڪثرت سان تِلاوت ڪرڻ وارا، ڪثرَت سان ذِڪرُ الله ڪرڻ وارا، ڪثرَت سان درودِ پاڪ پڙهڻ وارا، هر گهڙي نيڪين ۾ گذارڻ وارا، فرضن، وَاجبن ۽ سُنّتن جي ته ڇا ڳالهه ڪجي! اهي نيڪ ته مستحبن تي به استقامت سان عَمَل ڪرڻ وارا هئا، گُنَاهه ۽ حرام ۾ پوڻ ته رهيو پري پر مُبَاحات (يعني جن ڪمن جو ڪرڻ نه گُنَاهه آهي نه ثواب، اُنهن) کان به پاڻ کي پري رکڻ وارا هئا، اهي اهڙا عِبَادت گذار، اِطَاعت گذار هئا جو انهن کي ڏسي رَبّ ياد ايندو هو، جن جي گفتگو ٻڌي لکين گنهگار توبه ڪري نيڪو ڪار ٿي ولايت جا بلند درجات طَئي ڪري وڃندا هئا، اهي ڪامِل اَولياءِ ڪرام به جڏهن الله پاڪ جي بي نيازي تي نظر ڪن ٿا، قبر ۽ آخرت جي مُعَاملن تي غور ڪن ٿا، الله پاڪ جي خفيه تدبير جو تصور ڪن ٿا ته پاٽي کان ٻاهر مڇي جيان تڙپڻ لڳن ٿا ۽ هاءِ! هڪ اسان آهيون، ڏينهن رات گناهن ۾ گذارڻ وارا، غفلت جو بسترو لڳائي، هر وقت سمهڻ وارا، افسوس! اسان عبرت نٿا حاصل ڪيون، افسوس!

اسان کي قبر ۽ آخرت جي معاملن کان ڊپ ناهي ٿيندو، افسوس! اسان بارگاهِ الٰهي ۾ پيش ٿيڻ کان ڊڄون نٿا، اسان کي پنهنجي ايمان جو کو فکر ناهي هوندو. افسوس! صد ڪروڙ افسوس! اسان فڪر ڪيون نہ ڪيون، مُعَاملو تمام ئي نازُڪ آهي.

راه پُر خار ہے، کیا ہونا ہے پاؤں افگار ہے کیا ہونا ہے

(حدائق بخشش، صفحہ:166)

جنّت جي منزل پري، راهه ڏکهي، قبر و حشر ۽ پُل صراط، سخت کان سخت دشواريون، هر پاسي مشڪلات ئي مشڪلات ۽ اسان..!! گناهن جي ڪثرَت سان دِل ڪاري، جسم ڀاري، جگر ڦٽيل ۽ پير زخمي...!! هاءِ! ڇا ٿيندو...؟؟ هاءِ افسوس اهي سڪرات جون سختيون، جسم مان رُوح نڪرڻ جا اهي دَردناڪ جهٽڪا...!!

## سڪرات جا سخت لمحا

اي عاشقانِ رسول! تصور تہ ڪريو! اهي ڪيترا مشڪل لمحا هوندا، جڏهن مَلَڪ الموت عَلَيہ السَّلام ايندو، اسان جا ماءُ پيءُ، رشتيدار، دوست اَحباب ڏسندا ئي رهجي ويندا، نہ ڪنهن پهلوان جي پهلواني ڪم ايندي، نہ ڪنهن مالدار جو مال ئي ان کي ڇڏائي سگهندو، ڊاڪٽرن جا هٿ بڌيل رهجي ويندا، سائنسي آلات، وڏيون وڏيون مشينون سڀ جواب ڏئي ڇڏينديون، هڪ جهٽڪي سان رُوح جسم مان ڇڪيو ويندو، ان سان گڏ ئي هڪ آخري هڏڪي ايندي، ساهه اٽڪي اوچتو بَند ٿي ويندو ۽ بَس...! بينڪ بيلنس، گاڏي بنگلو، ڪاروبار، مال ودولت، سامانِ عيش وعشرت سڀئي بيڪار رهجي ويندو ۽ اسان هميشہ هميشہ جي لاءِ هن فاني دُنيا کي ڇڏي موڪلائي ڇڪا هونداسين، وري ڪڏهن موٽي هتي نہ ايندا سين.

کوئی پیش چلی، نہ عُذر، نہ انکار ہوا جب بشر موت کے پنجے میں گرفتار ہوا
کوئی ساتھ ہوا نہ مَر کے بجز زیرِ کفن پہلی منزل سے ہی ہر اِک جُدا یار ہوا
جیتے جی بہت یار تھے صوفی اپنے قبر میں ایک بھی نہ آکر مددگار ہوا

ڪاش! ڪاش! ڳالھ ايستائين رھي ھان تہ چلو خير ھو پر مُعَاملو ايترو بہ آسان ناھي، رُوح نڪرڻ جون تڪليفون... الامان والحفيظ!

حضرت امام حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: غيبن تي خبردار، سرڪارِ ذي وقار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن موت جي تڪليفن ۽ ان جي نڙي ۾ اٽڪڻ جو ذِڪر ڪندي فرمايو: اھا تڪليف تلوار جي 300 وار جي برابر آھي. (موسوعہ امام اِبْنِ اَبی الدُّنیا، کتاب: ذکرُ الموت، باب:خوف من اللہ، جلد:5، صفحہ:453، حدیث:192) ھڪ حديثِ پاڪ ۾ آھي: آسان ترين موت ڪپھ ۾ ڦاٽل ڪنڊيدار ٽاري جيان آھي، جڏھن اھڙي ٽاري کي ڪپھ مان ڪڍيو وڃي تہ ڪپھ جا ذرڙا بہ ان سان گڏ ضرور ايندا. (موسوعہ امام اِبْنِ اَبی الدُّنیا، کتاب: ذکرُ الموت، باب: خوف من اللہ، جلد:5، صفحہ:453، حدیث:194)

حُجَّةُ الاِسلام امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: سڪرات جي تڪليف سڌو سنئون رُوح تي حملو ڪندي آھي، پوءِ اھا تڪليف سڄي بدن ۾ ڦھلجي ويندي آھي، ھر ھر رڳ مان، ھر ھر جوڙ مان، ھر ھر وار جي جڙ مان ۽ مٿي کان پيرن تائين ڪل جي ھر حصي مان رُوح ڇڪي ڪڍيو ويندو آھي، پڇا نہ ڪريو اھا ڪيتري سخت تڪليف آھي؟ بزرگن تہ ايستائين فرمايو جو موت جي تڪليف تلوار جي وار کان، آريءَ جي چيرڻ کان ۽ قينچي جي ڪٽڻ کان بہ وڌيڪ سخت آھي. (احیاء العلوم، جلد:5، صفحہ:511) امامِ اَوزاعِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اسان وٽ ھي ڳالھ پھتي آھي تہ قيامت اچڻ تائين مردو موت جون تڪليفون محسوس ڪندو آھي. (احیاء العلوم، جلد:5، صفحہ:515) الامان والحفيظ! الامان والحفيظ!

گر ترے پیارے کا جلوہ نہ رہا پیشِ نظر — سختیاں نزع کی کیوں کر میں سہوں گا یارَبّ
نَزع کے وَقْت مجھے جَلْوَہِ محبوب دکھا — تیرا کیا جائے گا میں شاد مَروں گا یارَبّ

(حدائق بخشش، صفحہ:166)

اي عاشقانِ رسول! مُعَاملو انتھائي نازُڪ آھي، راھ پُرخار يعني ڪنڊيدار آھي، ھاءِ! اھڙيون سختيون، وڏيون تڪليفون ۽ اسان ڪمزور...! قبر ۽ حشر ۽

جهنّم جي دهشتن، سخت عذابن کان نجات ملڻ جو صرف هڪ ئي طريقو آهي، ۽ اهو آهي: ايمان. الله نه ڪري، الله نه ڪري، اهڙي سخت وقت ۾، نزع جي هنن تڪليفن ۾ ڪٿي ايمان هٿان نڪري ويو ته پوءِ اسان جو ڇا ٿيندو...؟ هاءِ! افسوس! موت جي وقت ايمان کسڻ جي لاءِ شيطان طرح طرح جا حيلا بهانا استعمال ڪندو، ايستائين جو ماءُ پيءُ جو رُوپ ڌاري به ايمان تي ڌاڙي جي ڪوشش ڪندو، يقيناً اهو ايترو نازُڪ موقعو هوندو جو بس جنهن تي الله رَحمٰن جو خاص ڪرم ۽ احسان ٿيندو اهو ئي ڪامياب ۽ ڪامران ٿيندو، صِرف ان جو ايمان سلامت رهندو.

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فتاوي رضويه، جلد:9، صفحي:83 تي امام اِبنُ الحَاج مڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو قول نقل ڪن ٿا، جنهن جو خلاصو آهي: دَمِ نزع (يعني جڏهن رُوح قبض ڪيو پئي ويندو آهي، موت جا هوش وڃائيندڙ جهٽڪا لڳي رهيا هوندا آهن، 300 تلوارن جي وار کان به سخت تڪليف تي رهي هوندي آهي، ان ڏکئي وقت) 2 شيطان انسان جي ٻنهي پاسن کان اچي ويهندا آهن، هڪ ان جي پيءُ جي شڪل ۾، ٻيو ماءُ جي شڪل ۾، اهي ٻئي شيطان ان کي اسلام ڇڏي ڪافِر ٿيڻ جي ترغيب ڏيندا آهن. (فتاوی رضويہ، جلد:9، صفحہ:83بتغير قليل)

بوقتِ نزع آقا! نہ ہو جاؤں کہیں برباد مِرا ایمان رکھ لینا سلامت یارسُولَ اللہ
ترے رَبّ کی قسم! میں لائقِ نارِ جہنّم ہوں بچا سکتی ہے بَس تیری شفاعت یارسُول اللہ

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

افسوس! اي عاشقانِ رسول! خبر ناهي ان وقت اسان جو ڇا ٿيندو! موت لمحو به لمحو ويجهو اچي رهيو آهي، قبر جي منزل ڏانهن برابر اڳتي سفر جاري آهي، تصور ڪريو ته اسان ڇڻ وڏي احتياط سان ايمان کي بحفاظت سيني سان سانڍي رکيو آهي، هڪ پاسي نفسِ اَمّاره ايمان تي ڪاهه ڪري رهيو آهي،

ٻي پاسي شيطان چال بدلي بدلي وار ڪري رهيو آهي، ٽئين پاسي بدمذهب ايمان تي ڌاڙو هڻڻ ۾ مصروف آهن تہ چوٿين پاسي دُنيا جي اجائي محبت ايمان جي لاءِ آزمائش آهي! يعني هيئن سمجهو تہ ڪو هٿ مروڙي رهيو آهي، ڪو ٽنگ ڇڪي رهيو آهي، ڪو مُڪو هڻي رهيو آهي، ڪو لتون هڻي رهيو آهي، هر هڪ پُورو زور لڳائي رهيو آهي تہ ڪنهن نموني اسان کان ايمان کسجي وڃي، هاءِ! هن حالت ۾ ايمان جي دولت کي سلامت وٺي قبر ۾ ڪيئن داخِل ٿينداسين...!! (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، صفحہ:10)

راہ پُر خار ہے، کیا ہونا ہے؟ پاؤں اَفگار ہے، کیا ہونا ہے؟

(حدائق بخشش، صفحہ:166)

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سَفَرِ آخرت جون دشواريون بيان ڪري رهيا آهن، انهن تڪليفن کي بيان ڪندي غفلت ۾ سمهڻ وارن کي جهنجوڙي رهيا آهن:

راہ پُر خار ہے، کیا ہونا ہے؟ پاؤں افگار ہے، کیا ہونا ہے؟
دُور جانا ہے رہا دِن تھوڑا راہ دُشوار ہے کیا ہونا ہے؟
ہائے رے نیند مُسَافِر تیری کُوچ تیار ہے، کیا ہونا ہے؟
ارے اَو مجرمِ بے پروا دیکھ سَر پہ تلوار ہے کیا ہونا ہے؟
روشنی کی ہمیں عادَت اور گھر تیرہ و تار ہے کیا ہونا ہے؟
پَر کٹے، تنگ قفس اور بلبل نَو گرفتار ہے، کیا ہونا ہے؟

(حدائق بخشش، صفحہ:166تا 168)

جيڪي گهڻي وڏائي ڪندا هئا، ڪڏهن جواني تي ڀروسو، ڪڏهن صحت ۽ تندرستي تي ناز، ڪڏهن جسم جي طاقت تي فخر تہ ڪڏهن عهدي ۽ ڪرسي جو غرور ۽ وڏيون وڏيون ڏاڙيون هڻندا هئا، هاڻي پر ڪٽجي ويا...!!

موت جي هڪ ئي جهٽڪي سڀ سرڪشي ڪڍي ڇڏي. اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ غرور وتڪبر کان بچي عاجزي ۽ انڪساري واري زندگي گذارڻ جي لاءِ اسان کي عبرت جو دَرس ڏيندي قبر جي پهرين رات جو نقشو بيان ڪري رهيا آهن:

پَر کٹے، تنگ قفس اور بلبل نَو گرفتار ہے، کیا ہونا ہے؟

(حدائق بخشش، صفحہ:167)

## قبر جي پهرين رات جون دُشواريون ۽ ڏکيو وقت

اي عاشقانِ رسول! اهو وقت ڪيتري بيڪسي ۽ بي وسي جو وقت هوندو، جڏهن اسان کي قبر ۾ لاٿو ويندو، اسان جي بخشيل بخشايل آقا، اسان کي بخشائڻ واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عبرت نشان آهي: مُردي کي هن ڳالهه جي سڃاڻپ هوندي آهي ته ان کي ڪير غسل ڏئي رهيو آهي ۽ ڪير ان کي کڻي رهيو آهي ۽ ڪير ان کي قبر ۾ لاهي رهيو آهي. (مُسْنَدِ اِمام اَحْمد بن حنبل، جلد:5، صفحہ:6، حديث:11289)

اميرِاهلسنت، باني دعوتِ اسلامي دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ فرمائن ٿا: پيارا اسلامي ڀائرو! خدا جو قسم! تشويش، تشويش ۽ سخت تشويش، خوف، خوف ۽ سخت ترين خوف جو معاملو آهي. جانور جي ته مرندي ئي قوتِ محسوسه(محسوس ڪرڻ واري قوت) ختم ٿي ويندي آهي پر انسان جو عقل ۽ محسوس ڪرڻ جي طاقت جيئن جو تيئن باقي رهندي آهي بلڪ ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي قوت ڪيترا ئي ڀيرا اجا وڌي ويندي آهي. هاءِ!افسوس! جيڪڏهن اسان جي بداعمالين جي ڪري الله تعاليٰ اسان کان ناراض ٿي ويو ته اسان جو ڇا ٿيندو؟

ٿورو سوچيو ته سهي! جيڪڏهن اسان کي خوبصورت ۽ آسائشن سان ڀريل بنگلي ۾ اڪيلو قيد ڪيو وڃي تڏهن به گهٻرائجي ويندا سين! اسان مان شايد قبرستان ۾ ڪوبه اڪيلو هڪ رات گذارڻ جي همت نه ڪري سگهي! افسوس! ان وقت ڇا ٿيندو جڏهن مٽي جي مٽن هيٺان اسان کي اڪيلو ڇڏي اسان جا

دوست واپس هليا ويندا، جسم جيتوڻيڪ بي جان هوندو پر عقل سلامت هوندو، ماڻهن کي ويندي ڏسي رهيا هونداسين، انهن جي قدمن جو آواز ٻڌي رهيا هونداسين، مٿي جي مٽن هينان دٻيل پيا هونداسين. هاءِ! ان وقت تنگ ۽ تاريڪ قبر ۾ صدما ئي صدما هوندا.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه عِبرت جا وڏيڪ مَدَني گل ڏيندي فرمائن ٿا: ياد رکو! دنيا جي هراها شيءِ جنهن سان زندگيءَ ۾ انسان کي محبت هوندي آهي مرڻ کان پوءِ ان جي ياد تڙپائيندي آهي ۽ اهو صدمو مڙدي جي لاءِ ناقابل برداشت هوندو آهي. ان ڳالهه کي هيئن سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو ته جڏهن ڪنهن جو گلن جهڙو اڪيلو پٽ گم ٿي وڃي ته اهو ڪيترو پريشان ٿيندو آهي، جيڪڏهن ان سان گڏ سندس ڪاروبار وغيره به تباهه ٿي وڃي ته ان جي صدمي جو ڇا عالم هوندو؟ ۽ گڏوگڏ جيڪڏهن هو آفيسر هجي ۽ وڏي مصيبت اها ٿئي جو ان جو اهو عهدو به ختم ٿي وڃي ته ان تي جيڪي صدمن جا جبل ڪرندا ان کي اهوئي سمجهندو، تنهنڪري مردي کي والدين، گهر واري، ٻارن ٻچن، پائرن پينرن ۽ دوستن جي وڇوڙي، گڏوگڏ گاڏي، لباس، گهر، دڪان، فيڪٽري، عمدا پلنگ، فرنيچر، راند روند جي سامان، ڪاڏي پيتي جي شين جي ذخيري، محنت جي ڪمائي، عهدو وغيره هر هر شيءِ جنهن سان صرف دنيا جي لاءِ محبت هئي ان جي جدائي جو صدمو ٿيندو آهي ۽ جيڪو جيترو گهڻو نفس جي لذت لاءِ راحتن ۾ زندگي گذاريندو آهي، مرڻ کان پوءِ انهن آسائشن جو ڪيس صدمو به اوترو ئي گهڻو ٿيندو، جنهن وٽ مال ۽ دولت گهٽ هوندي ان کي ان جي ڇڏڻ جو غم به ٿورو ٿيندو ۽ جنهن وٽ گهڻي هوندي ته ان کي ڇڏڻ جو غم به گهڻو ٿيندو. ياد رهي اهو گهٽ يا وڌيڪ غم انهيءَ صورت ۾ ٿيندو جڏهن ته ان هن مال و دولت سان دنياوي محبت ڪئي **هوندي.** (مردے کے صدمے، صفحہ:5-6)

تجھ کو غافِل فِکْرِ عقبیٰ کچھ نہیں　　کھا نہ دھوکا، عیشِ دُنیا کچھ نہیں
زِندگی ہے چند روزہ کچھ نہیں　　کچھ نہیں اس کا بھروسہ کچھ نہیں

ایک دِن مرنا ہے، آخر موت ہے
کر لے جو کرنا ہے، آخر موت ہے

عیش کر، غافِل نہ تُو آرام کر　　مال حاصِل کر، نہ پیدا نام کر
یادِ حق دُنیا میں صبح و شام کر　　جس لئے آیا ہے تُو وہ کام کر

ایک دِن مرنا ہے آخر موت ہے
کر لے جو کرنا ہے آخر موت ہے

عیش وعشرت کے لئے انساں نہیں　　یاد رکھ تُو بندہ ہے، مہماں نہیں
غفلت و سُستی تجھے شایاں نہیں　　بندگی کر تُو اگر ناداں نہیں

ایک دِن مرنا ہے آخر موت ہے
کر لے جو کرنا ہے آخر موت ہے

ترْک اَب ساری فضولیات کر　　یوں نہ ضائع اپنے تُو اَوْقات کر
رہ نہ غافِل یادِ حق دِن رات کر　　ذِکْر و فِکْر و موت کی تُو بات کر

ایک دِن مرنا ہے آخر موت ہے
کر لے جو کرنا ہے آخر موت ہے

کُوچ ہائے بے خبر! ہونے کو ہے　　ہائے یہ غفلت! سحر ہونے کو ہے
باندھ لے توشہ سفر ہونے کو ہے　　ختم بس اب ہر بشر ہونے کو ہے

ایک دِن مرنا ہے آخر موت ہے
کر لے جو کرنا ہے آخر موت ہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! هڪ پاسي اهي دل ڏاريندڙ صدما آهن ۽ ٻئي پاسي قبر ۾ پهچندي ئي انڌيرو ۽ تنهائي بي چين ڪري ڇڏيندي، تمام گهڻو ڊپ ٿيندو.

حضرت عبدالله بن عُبَيد رضي الله عنه کان روايت آهي، نبي اڪرم، نورِ مجسم صلّی الله علیه واٰله وسلّم جن فرمايو: جڏهن مڙدي سان گڏ اچڻ وارا واپس ٿيندا آهن ته مڙدو ويهي انهن جي قدمن جو آواز ٻڌندو آهي ۽ قبر کان پهريان ڪو ان سان ناهي ڳالهائيندو، قبر چوندي آهي: اي انسان! ڇا تو منهنجا حالات نه ٻڌا هئا؟ ڇا منهنجي تنگي، بدبوءِ، دهشت ۽ ڪيڙن کان توکي نه ڊيڄاريو ويو هو؟ جيڪڏهن ائين هو ته پوءِ تو ڪهڙي تياري ڪئي آهي؟ (شرحُ الصُّدور، صفحه:86)

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ٿورو تصور ته ڪيون ته جڏهن اسان قبر ۾ اڪيلا رهجي ويا هونداسين، گهبراهٽ طاري هوندي، نه ڪٿي وڃي سگهنداسين نه ڪنهن کي سڏي سگهنداسين ۽ ڀڄي نڪرڻ جي به ڪا واٽ نه هوندي، ان وقت قبر جي هانءُ ڏاريندڙ پڪار ٻڌي ڇا گذرندو؟

قبر ۾ نمازين ۽ سنّتن تي عمل ڪرڻ وارن جي لاءِ راحتون ۽ بي نمازين ۽ غير شرعي فيشن ڪرڻ وارن جي لاءِ آفتون ئي آفتون هونديون،

امام جلال الدين سيوطي شافعي رحمة الله عليه فرمائن ٿا: حضرت عُبَيد بن عمير رضي الله عنه کان روايت آهي: قبر مڙدي کي چوندي آهي ته جيڪڏهن تون پنهنجي زندگيءَ ۾ الله پاڪ جو فرمانبردار هئين ته اڄ مان توتي رحمت ڪنديس ۽ جيڪڏهن نافرمان هئين ته مان تنهنجي لاءِ عذاب آهيان، مان اهو گهر آهيان جيڪو مون ۾ نيڪ ۽ اطاعت گذار ٿي ڪري داخل ٿيو اهو مون مان خوش ٿي نڪرندو ۽ جيڪو نافرمان ۽ گنهگار هوندو، اهو مون مان تباهه حال ٿي ڪري نڪرندو. (شرحُ الصُّدور، صفحه:86)

حضرت عطاء بِن يسار رحمة الله عليه کان رِوَايت آهي: جڏهن مڙدي کي قبر ۾ رکيو ويندو آهي ته سڀ کان پهريان ان جو عمل اچي ان جي کاٻي ران کي

لوڏي چوندو آهي تہ مان تنهنجو عمل آهيان، مژدو پچندو آهي: منهنجا ٻار ٻچا ڪٿي آهن؟ ۽ منهنجون دنياوي نعمتون ڪٿي آهن؟ تہ عمل چوندو آهي: اُهي سڀ تنهنجي پٺيان رهجي ويا ۽ سواءِ منهنجي، تنهنجي قبر ۾ ٻيو ڪو بہ ناهي آيو. (شرحُ الصُّدور، صفحہ:84)

ساتھ جگری یار بھی نہ آئے گا تُو اکیلا قبر میں رہ جائے گا
مال دنیا کا یہیں رہ جائے گا ہر عمل اچھا، بُرا ساتھ آئے گا
مالِ دنیا دو جہاں میں ہے وبال کام آئے گا نہ پیشِ ذُوالْجلال

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! قبر جو سخت انڌيرو، تنهائي، حسرت ۽ صدمن جو هجوم، پوءِ قبر جي دهشت، ان سان گڏ قبر جي امتحان جو سلسلو شروع ٿي ويندو. بہ خوفناڪ شڪلن وارا ملائڪ جن کي مُنڪر نڪير چيو ويندو آهي، قبر جون ديوارون چيريندي ايندا، ڊگها ڊگها ڪارا وار مٿي کان پيرن تائين لٽڪي رهيا هوندا، اکيون باھ وَسائي رهيون هونديون، هاڻي امتِحان شروع ٿيندو، پيار سان نہ بلڪ هو ڌڙڪا ڏيندي اٿاريندا ۽ انتهائي سخت لهجي ۾ سُوال پُڇندا: پهريون سُوال ٿيندو (1) مَنْ رَّبُّكَ؟ يعني تنهنجو ربّ ڪير آهي؟ پوءِ پڇيو ويندو (2) مَادِيْنُكَ؟ يعني تنهنجو دين ڪهڙو آهي؟ (3) پوءِ هڪ سهڻي صورت ڏيکاري ويندي جنهن تي فِدا ٿيڻ جي لاءِ هر عاشق تڙپندو آهي اها دلرُبا صورت ڏيکاري پڇيو ويندو: مَا كُنْتَ تَقُولُ فِيْ هٰذَا الرَّجُل؟ يعني ان جي باري ۾ تون ڇا چوندو هئين؟ (بہار شريعت، جلد:1، صفحہ:106-107، حصہ:1)

نمازين، رمضان جا روزا رکڻ وارن، حج ادا ڪرڻ وارن، پوري زڪوٰة ڪڍڻ وارن، فلمن ڊرامن کان پري پڄڻ وارن، وعده خلافي، بداخلاقي، بدنگاهي، ڪوڙ، غيبت، چغلي ۽ بي پردگي کان بچڻ وارن، نيڪيءَ جي دعوت

جون ڏومون مچائڻ وارن، ماءُ پيءُ جي فرمانبرداري ڪرڻ وارن، رشتيدارن سان حُسنِ سلوڪ ڪرڻ وارن، صرف حلال روزي ڪمائڻ وارن، پنهنجي چهري کي هڪ مٺ ڏاڙهيءَ سان سينگارڻ وارن، پنهنجي مٿي تي عمامي شريف جو تاج سجائڻ وارن، دعوتِ اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ وارن، روزانو پنهنجن عملن جو جائزو وٺندي رسالي ”نيڪ اعمال“ جو رسالو پرڻ وارن کي مبارڪ هجي جو الله پاڪ جو فرمانبردار مؤمن پانهو پنهنجو ايمان سلامت ڪٽي جڏهن قبر ۾ لهندو ته ان تي الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪرم ٿيندو، اِن شَآءَ الله! هو آساني سان جواب ڏيندي پُڪاريندو: رَبِّیَ الله يعني الله پاڪ منهنجو ربّ آهي. دِيْنِیَ الْاِسْلَامُ يعني منهنجو دين اسلام آهي. دِلرُبا صورت واري ڏانهن اشارو ڪري چوندو: هُوَ رَسُوْلُ الله هيءُ ته منهنجو پيارو پيارو آقا، مُحَمَّدٌ رَّسُولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي. (بہار شریعت، جلد:1، صفحہ: 107، حصہ:1) ۽ جهومي جهومي چوندو:

سرکار کی آمد... مرحبا! دِلدار کی آمد... مرحبا!

قبر میں سرکار آئیں تو میں قدموں پر گِروں
گر فرشتے بھی اُٹھائیں تو میں اُن سے یُوں کہوں
اِن کے پائے ناز سے میں اے فرشتو! کیوں اُٹھوں
مَر کے پہنچا ہوں یہاں، اس دِلرُبا کے واسطے

اي صلوٰة وسلام تي جهومڻ وارؤ! نامِ مُحَمَّد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻُڌي محبت سان آڱوٺا چمڻ وارؤ! الله پاڪ جي رحمت مان اها اميد ڪري سگهجي ٿي ته جڏهن سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب وسينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ قبر ۾ جلوو ڏيکاري واپس ٿيڻ لڳن ته ڪاش عاشقانِ رسول تي ڪرم ٿئي ۽ بي اختيار انهن جي زبان تي جاري ٿي وڃي:

دِل بھی پیاسا، نظر بھی ہے پیاسی کیا ہے ایسی بھی جانے کی جلدی
ٹھہرو ٹھہرو! ذرا جانِ عالم! ہم نے جی بھر کے دیکھا نہیں ہے

جڏهن اهو آخري سوال جو جواب ڏئي چڪيندو پوءِ جهنم جي دَري ڪُلندي ۽ يڪدم بند ٿي ويندي پوءِ جنّت جي دري ڪُلندي ۽ چيو ويندو: جيڪڏهن تون صحيح جواب نہ ڏين ها تہ تنهنجي لاءِ اها دوزخ جي دري هئي. اهو ٻڌي ڪري ان کي تمام گهڻي خوشي محسوس ٿيندي، پوءِ هاڻي جنّتي ڪفن هوندو، قبر تمام گهڻي ڪشادي ڪئي ويندي ۽ مزا ئي مزا هوندا.

قبر میں لہرائیں گے تا حشر چشمے نُور کے
جَلوہ فرما ہو گی جب طلعت رسول اللہ کی

(حدائق بخشش، صفحہ:152)

اي عاشقانِ رسول! هي انهن نيڪ ۽ ايمان سلامت ڪڻي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيڻ وارن جو حال هوندو. جيڪڏهن خدانخواستہ اسان نمازون ضايع ڪندا رهياسين، ڪوڙ ڳالهائيندا رهياسين، غيبت ڪندا رهياسين، حرام روزي ڪمائيندا رهياسين، فلمون ڊراما ڏسندا ڏيکاريندا رهياسين ۽ ڳائڻ وڄائڻ ٻڌندا ٻڌائيندا رهياسين، مسلمانن جي دل ڏکائيندا رهياسين، جيڪڏهن الله پاڪ ناراض ٿي ويو ۽ ان جا پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ رُسي ويا، جيڪڏهن گناهن جي نحوست جي سبب مَعَاذَ اللّٰه ايمان برباد ٿي ويو، تہ پوءِ هر سُوال تي زبان مان اهو ئي نڪرندو: هَيْهَاتَ هَيْهَاتَ لَا اَدْرِى افسوس! صد افسوس! مون کي تہ ڪجھ خبر ناهي، افسوس! جڏهن بہ اک کلي T.V. تي نظر هئي، جڏهن ڪنن ٻڌو تہ فلمي گانا ئي ٻڌا، مون کي ڪهڙي خبر خدا ڇا آهي؟ مون کي ڪهڙي خبر دين ڇا آهي؟ مون تہ دنيا ۾ پنهنجي اچڻ جو مقصد صِرف انهيءَ کي سمجهيو هو تہ بس جيئڻ بہ ٿي سگهي مال ڪمايان ۽ گهرواريءَ ۽ ٻچن ساڻ نڀايان. جيڪڏهن ڪنهن منهنجي آخِرت جي ڀلائي جي خاطِر مون کي سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت يا مَدَني

قافلي ۾ سفر جي دعوت ڏني ٻہ تہ اھو چئي ٽاري ڇڏيو ھو تہ سڄو ڏينھن ڪم ڪَري ٿڪجي پوندو آھيان، وَقت ئي ناھي ملندو. اسلامي ڀائرو! حياتي ۾ تہ اھو جواب ھلندو رھندو، ڪاروبار چمڪندو رھندو، ۽ بينڪ بيلنس وڌندو رھندو پر ياد رکو!

سیٹھ جی کو فکر تھی اِک اِک کے دس دس کیجئے — موت آپہنچی کہ مسٹر! جان واپس کیجئے

بھرحال جنھن جو ايمان برباد ٿي چُڪو ھو ان کان آخِري سُوال ڪرڻ کان پوءِ جنّت جي دري کلندي ۽ يڪدم بند ٿي ويندي پوءِ جھنّم جي دري کلندي ۽ چيو ويندو: جيڪڏھن تون دُرُست جواب ڏين ھا تہ تنھنجي لاءِ اھا جنّت جي دري ھئي. اھو ٻڌي ان کي تمام گھڻي حسرت ٿيندي، (قبر کا امتحان، صفحہ:12-13ملطقطًا) جھنّم جي طرف دروازي کان ان کي گرمي ۽ تپش پھچندي، ان کي باھ جو لباس پارايو ويندو، ان جي لاءِ باھ جو بستر وڇايو ويندو، ان تي عذاب ڏيڻ جي لاءِ 2 ملائڪ مقرر ٿيندا، جيڪي انڌا ۽ ٻوڙا ھوندا، انھن وٽ لوھ جو گُرز (ھٿوڙو وغيره) ھوندو، جيڪڏھن اھو جبل تي ھنيو وڃي تہ ھو ذرا ذرا ٿي وڃي، ان ھٿوڙي سان ان کي ماريندا رھندا پڻ نانگ ۽ وڇون ان کي عذاب ڏيندا رھندا ۽ گڏوگڏ اُن جا بُرا عمل ڪتي، بگھڙ وغيره جي شڪل ۾ اچي ان کي تڪليف پھچائيندا رھندا. (بہار شریعت، جلد:1، صفحہ: 110-111، حصہ:1بتغير قليل)

ڈنک مچھر کا سہا جاتا نہیں،کیسے میں پھر — قبر میں بچھّو کے ڈنک آہ سہوں گا یا ربّ

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان غور ڪريون، آخرت جو سَفَر ڪيترو دُشوار آھي، قبر آخرت جي منزلن ۾ پھرين منزل آھي، اھائي ايڏي دُشوا منزل آھي، ان کان اڳتي واريون منزلون ڪيڏيون نہ ڏکيون ھونديون.

راہ پُر خار ہے کیا ہونا ہے؟ — پاؤں افگار ہے، کیا ہونا ہے؟
(حدائق بخشش، صفحہ:166)

افسوس! اهي دشوار واديون، ڪنڊيدار راهون ۽ اسان نادان، گناهن ۾ ٻڏل، غفلت جي چادر پائي ستل آهيون... افسوس! اسان جو ڇا ٿيندو؟

ہم کو بد کر وہی کرنا جس سے دوست بیزار ہے، کیا ہونا ہے؟
چھپ کے لوگوں سے کئے جس کے گناہ وہ خبر دار ہے، کیا ہونا ہے؟
کام زِنداں کے کئے اور ہمیں شوقِ گلزار ہے، کیا ہونا ہے؟

(حدائق بخشش، صفحہ:166-167)

مختصر وضاحت: اسان سرڪشي ۾ اهو ئي ڪيون ٿا، جنهن سان الله پاڪ ناراض ٿيندو آهي، افسوس! پنهنجي طور تي اسان خوب لڪي گناهه ڪيون ٿا، بدنامي جي ڊپ کان، ماڻهن کان لڪي ويندا آهيون پر جنهن ڪريم ربّ جي نافرماني ڪئي پئي وڃي اهو تہ هر هنڌ ڏسي رهيو آهي، ان کان لڪڻ ناممڪن آهي، افسوس! اسان جنّت جا طلب گار آهيون پر ڪم جهنّم ۾ وڃڻ وارا... اسان جو ڇا ٿيندو...؟؟

## قيامت جي ڏينهن جون سختيون

اي عاشقانِ رسول! سخت اونداهي قبر ۾ قيامت تائين رهڻو پوندو، پوءِ ان کان بعد محشر جو اهو دهشتناڪ ڏينهن، ان ڏينهن جي باري ۾ الله پاڪ قرآنِ مجيد ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اَلْقَارِعَةُ ﴿۱﴾ ترجمو ڪنز الايمان: دل ڏڪائي رڪندڙ

مَا الْقَارِعَةُ ﴿۲﴾ ترجمو ڪنزالايمان: اها دل دهلائيندڙ ڇا آهي.

وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الْقَارِعَةُ ﴿۳﴾ ترجمو ڪنزالايمان: ۽ توکي ڪهڙي خبر اها دل ڏڪائيندڙ ڇا آهي.

يَوْمَ يَكُوْنُ النَّاسُ كَالْفَرَاشِ الْمَبْثُوْثِ ﴿۴﴾ ترجمو ڪنزالايمان: جنهن ڏينهن ماڻهو ٿي ويندا پکڙيل پتنگ وانگر.

وَ تَكُوْنُ الْجِبَالُ كَالْعِهْنِ الْمَنْفُوْشِ﴿۵﴾ ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جبل ٿي ويندا پچيل اُن وانگر الله! الله! اهڙي هولناڪ ڏينهن ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو هوندا، پهرين قسم جي باري ۾ الله پاڪ اِرشاد فرمائي ٿو:

فَاَمَّا مَنْ ثَقُلَتْ مَوَازِیْنُهٗ ﴿۶﴾

ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ جنهن جا توريل (نيڪ عمل) ڳورا ٿيا.

فَهُوَ فِیْ عِیْشَةٍ رَّاضِیَةٍ ﴿۷﴾

ترجمو ڪنزالايمان: اهي دل گهري عيش ۾ آهن ٻي گروهه جو ڇا حال ٿيندو، ان جي باري ۾ فرمايو ويو:

وَ اَمَّا مَنْ خَفَّتْ مَوَازِیْنُهٗ ﴿۸﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جنهن جا توريل هلڪا رهيا

فَاُمُّهٗ هَاوِیَةٌ ﴿۹﴾

ترجمو ڪنزالايمان: اهو هيٺان ڏيڪارينڌڙ جهولي ۾ آهي

وَ مَاۤ اَدْرٰىكَ مَا هِیَهْ ﴿۱۰﴾

ترجمو ڪنزالايمان: توکي ڪهڙي خبر هيٺان ڏيڪارينڌڙ ڇا آهي.

نَارٌ حَامِیَةٌ ﴿۱۱﴾

ترجمو ڪنزالايمان: اها آهي ٻيي هٽندڙ باهه. (پاره:30،سورهٔ قارِعه)

افسوس! اهو هولناڪ ڏينهن.... ان ڏينهن زمين ٽامي جي هوندي، سج هڪ ميل جي فاصلي تي هوندو، الله! الله! اڄ سج 4 هزار سال جي فاصلي تي آهي ۽ اسان ڏانهن ان جي پٺي آهي، ان حالت ۾ جڏهن بلڪل مٿان اچي ويندو آهي

تہ گھران ٻاهر نڪرڻ ڏُشوار ٿي ويندو آهي، ان ڏينهن تہ سج هڪ مِيل جي فاصلي تي هوندو ۽ ان جو منهن اسان ڏانهن هوندو، اڄ مٽي جي زمين آهي پر گرمين ۾ زمين تي پير رکڻ ڏکيو هوندو آهي، ان ڏينهن زمين ٽامي جي هوندي، سج ايترو قريب هوندو جو ان وقت تپش ۽ گرمي جو حال ڪير بيان ڪري سگھي ٿو؟ افسوس! دماغ ٽهڪندا هوندا، ايترو تہ ڪثرت سان پگھر نڪرندو جو 70 گز زمين ۾ جذب ٿي ويندو، پوءِ جيڪو پگھر زمين نہ پي سگھندي اهو مٿي چڙهندو، ڪنهن جي پيڏين تائين هوندو، ڪنهن جي گوڏن تائين، ڪنهن جي چيلھ تائين، ڪنهن جي سيني تائين، ڪنهن جي گلي تائين ۽ ڪافِر جي تہ ڇهري تائين پگھر چڙهي ويندو، جنهن ۾ اهو غوطا کائيندو، پوءِ ان گرمي جي حالت ۾ اُڃ جي جيڪا ڪيفيت هوندي الامان والحفيظ! زبان صفا سُڪي ويندي، ڪن ماڻهن جون زبانون وات مان ٻاهر نڪري اينديون، دِليون خوف سبب ٻاهر اچي وينديون، هر ڪو پنهنجي گُناهن جي مطابق تڪليف ۾ مبتلا هوندو. (بہار شریعت، جلد:1، صفحہ:132تا134 ، حصہ:1) اهو حساب جو ڏينهن آهي، اهو عَدل ۽ انصاف جو ڏينهن آهي، افسوس! صد ڪروڙ افسوس! سڄي زِندگي جو اعمالنامو هٿن ۾ ڏنو ويندو، نيڪين ۽ گناهن جو وَزن ڪيو ويندو، پوءِ اها وار کان سنهي، تلوار جي ڌار کان تيز، جهنّم جي پُٺ تي رکيل پُل، جنهن کي پُلصِرَاط چيو وڃي ٿو، ان تان لنگھڻو پوندو، نيڪ ماڻهو بجلي جيان تيزي سان لنگھي ويندا، پر افسوس! گنهگار، جهنّم جا حق دار کِھلجندي، ٿاٻڙجندي، ڪٽجي جهنّم ۾ ڪري رهيا هوندا. (بہار شریعت، جلد:1، صفحہ:147 ، حصہ:1بتغیر قلیل) خبر ناهي ان ڏينهن اسان جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ اسان جهنمين جي صَف ۾ هونداسين يا جنّتين سان گڏ بيٺا هونداسين؟ خبر ناهي سلامتي سان پُلصراط تان لنگھي وينداسين يا نہ.

اس کڑی دھوپ کو کیوں کر جھیلیں شعلہ زَن نار ہے، کیا ہونا ہے؟
راہ تَو تیغ پر اور تلووں کو گلۂ خار ہے، کیا ہونا ہے؟

پیچ میں آگ کا دریا حائل قَصد اُس پار ہے، کیا ہونا ہے؟
منہ دکھانے کا نہیں اور سحر عام دربار ہے، کیا ہونا ہے؟
اُن کو رحم آئے تو آئے ورنہ وہ کڑی مار ہے، کیا ہونا ہے؟[1]

اي جنت جا طلب گار پيارا اسلامي ڀائرو! خُدا جو قسم قيامت جو ڏينهن سخت دهشتناڪ ڏينهن آهي. وڏا وڏا ولي سڳورا رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡهِم هن ڏينهن جي دهشت ۽ الله پاڪ جي بي نيازي کي ڏسي ڏڪندا هئا، خوف سبب ڪنبندا ۽ روئيندا رهندا هئا.

حضرت خواجہ فريد الدين مسعود گنج شڪر رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه پاڪپتن شريف واري جن جي دربارِ پُرانوار جي ويجهو لڳل هڪ دروازي کي جنتي دروازو چيو ويندو آهي، بزرگن جي دُعا آهي تہ جيڪو هن دروازي مان لنگهي وڃي الله پاڪ ان کي نيڪ عملن جي توفيق عطا فرمائيندو ۽ پنهنجي ڪرم سان جنّت ۾ داخِل ڪندو، اچو! خواجہ فريدُ الدّين گنج شڪر رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه جي زباني خوفِ خُدا جو رِقّت انگيز بيان ٻڌون ۽ عبرت حاصِل ڪيون ٿا، جيئن تہ

هڪ ڏينهن خواجہ فريدالدين مسعود گنج شڪر رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه خوفِ خُدا جي موضوع تي بيان ڪندي فرمايو: هڪ بزرگ خوفِ خدا سبب 40 سالن تائين روئيندا رهيو، جڏهن انهن کي موت ياد ايندو هو تہ وڻ جي پنن جيان ڏڪندا هئا ۽ هر هر بي هوش ٿي ڪري پوندا هئا، جڏهن هوش ايندو هو تہ هيءَ آيت پڙهندا هئا:

اِنَّ الۡاَبۡرَارَ لَفِیۡ نَعِیۡمٍ ﴿۱۳﴾ وَ اِنَّ الۡفُجَّارَ لَفِیۡ جَحِیۡمٍ ﴿۱۴﴾
(پاره30،سورةالانفطار:13-14)

ترجمو ڪنز الايمان: بيشڪ نيڪوڪار ضرور چين ۾ آهن ۽ بيشڪ بدڪار ضرور دوزخ ۾ آهن.

---

[1] ...حدائق بخشش، صفحہ:168-169-

۽ فرمائيندا هئا: افسوس! مون کي خبر ناهي تہ قيامت جي ڏينهن هنن ٻن گروهن مان منهنجو شُمار ڪهڙي ۾ ٿيندو.

خواجہ فريد رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ پنهنجو بيان جاري رکندي وڌيڪ فرمايائون: تہ نبي سڳورا عَلَیْھِمُ السَّلَام ۽ ولي سڳورا تمام گهڻو خوفِ خُدا رکندا هئا ۔ (اسرار الاولياء، صفحہ:66 ملتقطًا) هڪ بزرگ جنهن جو نالو عبد اللّٰه خفيف رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ هو، پاڻ 40 سال تائين خوفِ خدا سبب ايترو تہ رُنا جو ڳلن مُبَارَڪن ۾ نشان پئجي ويا، جڏهن پاڻ قيامت ۽ قبر بابت بيان ڪندا هئا تہ وڻن جي پنن جيان ڏڪندي بيهوش ٿي ڪري پوندا هئا، پوءِ مڇي جيان تڙپندا هئا، جڏهن هوش ايندو هو تہ اٿي هيءَ آيت پڙهندا هئا:

فَرِيْقٌ فِي الْجَنَّةِ وَفَرِيْقٌ فِي السَّعِيْرِ ﴿۷﴾ (پاره25،سورةالشوري:7)

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ هڪڙو ٽولو جنت ۾ آهي ۽ ٻيو ٽولو جهنم ۾.

وري زارو قطار روئيندي فرمائيندا هئا: خبر ناهي مان ڪهڙي گروھ ۾ هوندس، آخري عمر تائين حضرت عبد اللّٰه خفيف رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جي اها ئي حالت رهي.

شيخ الاسلام خواجہ فريد رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ پنهنجي بيان جو سلسلو اڳتي وڌائيندي وڌيڪ فرمايو: امام اعظم ڪوفي (يعني امام ابو حنيفہ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ) 30 سالن تائين بستر تي نہ سُتا، پاڻ خوفِ خدا سبب بيهوش ٿي ويندا هئا ۽ هڪ ڏينهن، هڪ رات بلڪ ان کان بہ وڌيڪ بيهوش رهندا هئا، جڏهن حالت سنڀلجي ويندي هئي تہ پاڻ کي ڌڙڪا ڏيندي فرمائيندا هئا: اي نفس! تُو ڪا اهڙي نيڪي ناهي ڪئي جيڪا بارگاهہ الٰهي جي شان لائق هجي، جنهن سبب قيامت جي ڏينهن توکي رهائي نصيب ٿئي. اي نفس! تون دُنيا ۽ آخرت ۾ بيوس رهندين. پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ قرآنِ ڪريم جي تِلاوت ڪندي جڏهن عذاب واري آيت تي پهچندا هئا تہ وڏي عرصي تائين حيرت زده رهندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: وڏي تعجب جي ڳالھ هوندي

جيڪڏهن ابوحنيفہ قيامت جي ڏينهن نجات ماڻي وني.

شيخ الاسلام خواجہ فريدالدين گنج شڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اهڙو رقت انگيز بيان ڪندي ڪندي خوفِ خدا جي غلبي سبب پاڻ بہ بيهوش ٿي مُصَلّي تي ڪري پيا، ۽ هڪ ڏينهن، هڪ رات لڳاتار بيهوش رهيا، جڏهن هوش آيو تہ فرمايائون: حضرت عبد الله تستري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 40 سالن تائين لاڳيتو روئيندا رهيا، ان عرصي ۾ ڪنهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي روئڻ کان خالي نہ ڏٺو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان پڇيو ويو: سائين! اوهان کي ڪڏهن روئڻ کان علاوه ناهي ڏٺو ويو، ايترو روئڻ جو سبب ڇا آهي؟ فرمايائون: اي عزيزؤ! جڏهن قيامت جو هولناڪ ڏينهن ياد ايندو آهي... افسوس! اهو ڏينهن جڏهن والدين اَولاد جي بہ پرواهہ نہ ڪندا، پيءُ پٽ کان، پٽ پيءُ کان ڀڄندو، ڀاءُ ڀاءُ جي ڪم نہ ايندو، جڏهن اهو منظر ياد اچي ٿو تہ پوءِ کلڻ ناهي ايندو، جنهن جي سامهون اهڙو ڏينهن اچڻو هجي ۽ جنهن کي پنهنجي انجام جي خبر نہ هجي تہ ان کي کلڻ ڪيئن ٿو اچي سگهي، ان جو روئڻ ڪيئن ٿو گهٽجي سگهي. (اسرار الاولياء، صفحہ:67)

اي عاشقانِ رسول! اهي ولي سڳورا آهن، انهن جا ڏينهن رات نيڪين ۾ گذرندا هئا، اهي هر وقت جنت ۾ وني وڃڻ وارن عملن ۾ مَصرُوف رهندا هئا، انهن جي نيت سچي هئي، اهي اخلاص وارا هئا، اهي رياڪارين کان بچڻ وارا هئا، اهي خودپسندي، تڪبر، حسد کان بچڻ وارا، گناهہ تہ گناهہ اخلاقي طور ناپسنديده ڳالهين ۽ جائِز فضوليات کان بہ بچڻ وارا هئا ۽ هڪ اسان آهيون، نہ قبر جو خوف، نہ قيامت جو فڪر، گُناهہ ۾ ٻڏل آهيون، نيڪي ٿوري بہ ناهي، ان تي وڏيڪ اهو تہ نہ شرمساري ٿئي ٿي، نہ احساس، بَس غفلت... غفلت ۽ غفلت!

راه پُر خار ہے، کیا ہونا ہے؟ پاؤں افگار ہے، کیا ہونا ہے؟
دِل کہ تیمار ہمارا کرتا آپ بیمار ہے، کیا ہونا ہے؟

(حدائق بخشش، صفحہ:166)

يعني دِل ۾ احساس اچي وڃي، دِل خوف سبب ڏکي تہ شايد گُناهن جي بيماري ڪان جان ڇٽي وڃي، پر ڇا ڪجي دِل تہ پاڻ ئي بيمار آهي، ڇا ٿيندو؟

اي عاشقانِ رسول! منهنجي آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اهو وڏو ڪلام لکيو:

راه پُر خار ہے، کیا ہونا ہے؟ پاؤں افگار ہے، کیا ہونا ہے؟

هن ۾ سڪرات جي، قبر جي، قيامت جي ۽ پُل صراط جي منظر ڪشي ڪري اسان گنهگارن کي جهنجهوڙيندي نصيحت فرمائي تہ غافلؤ! سوچيو! جيڪڏهن زندگي ايئن ئي گناهن ۾ گذرندي رهي، الله پاڪ ناراض ٿي ويو، ان جو پيارو حبيب، دلين جو طبيب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ رُسي ويو تہ ڇا ٿيندو؟ پوءِ آخر ۾ تسلي ڏيندي، گُناھ ڇڏي نيڪين ڏانهن موٽي اچڻ ۽ جيترا پساھ باقي آهن، ان ۾ الله پاڪ کي راضي ڪرڻ جي ترغيب ڏيندي فرمائن ٿا:

کیوں رضا کُڑھتے ہو، ہنستے اُٹھو جب وہ غفار ہے، کیا ہونا ہے؟

(حدائق بخشش، صفحہ:170)

سُبحٰنَ الله! سُبحٰنَ الله! اي عاشقانِ رسول! خوش ٿي وڃو! الحمد لله! اسان جو پيارو الله پاڪ وڏو مهربان، نهايت رحم فرمائڻ وارو، گهڻي توبہ قبول ڪرڻ وارو، سَتّار ۽ غَفّار آهي ۽ ان تي وڌيڪ مهرباني اها جو ان اسان گنهگارن کي آقا و موليٰ، مُحَمَّدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي غلامي ۾ ڏئي ڇڏيو آهي، ان کي بہ رَحمَةٌ لّلعَالَمِين بڻائي موڪليو آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جو الله پاڪ بيحد مهربان آهي، ان ڪري تہ ان پنهنجي پياري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي ۾ اڄ جي اها بابرڪت رات عنايت فرمائي آهي، اڄ جي اها رات لَيلَةُ المُبَارَكة (برڪت ڀري رات) آهي. اڄ جي اها رات لَيلَةُ البَرَاءَة (نجات جي رات) آهي، اڄ جي اها رات لَيلَةُ

الرَّحمَة (رحمت ڀري رات) آهي. اڄ جي اها رات لَيلَۃُ التَّکفِير (گُناهه مٽائڻ واري رات) آهي، اڄ جي اها رات لَيلَۃُ الاِجَابَۃِ (دُعائون قبول ٿيڻ جي رات) آهي، اڄ جي اها رات لَيلَۃُ الشَّفَاعَۃِ (شفاعت جي رات) آهي، اڄ جي اها رات لَيلَۃُ الغُفرَان (مغفرت جي رات) آهي ۽ اڄ جي اها رات ملائڪن جي عِيد جي رات آهي. امام غزالي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيئن مسلمانن جي لاءِ 2 عيدون آهن، اهڙي طرح ملائڪن جي لاءِ 2 راتون عيد جون آهن، هڪ شَبِ بَرَاءَت (يعني اڄ جي رات) ۽ هڪ شَبِ قدر (جيڪا رمضان المبارڪ ۾ ٿيندي آهي). (مڪاشفۃُ الْقُلُوب، صفحہ:303)

جنتي صحابي، حضرت اُبَي بِن ڪعب رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي، شَبِ بَرَاءَت (يعني اڄوڪي رات) جبريل امين عَلَيه السَّلام رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضِر ٿي عَرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! هي اها رات آهي جنهن ۾ آسمان ۽ رَحمت جا 300 دروازا کوليا ويندا آهن.

پوءِ رات جي چوٿين حصي ۾ حضرت جبريل عَلَيه السَّلام حاضِر ٿي عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! پنهنجو مٿو مبارڪ کڻو! نبي رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مٿو مُبَارڪ کڻي ڏٺو ته آسمان جي طرف رحمت جا دروازا کليل هئا، هر دروازي تي هڪ ملائڪ هو، پهرين دروازي جو ملائڪ چئي رهيو هو: ان کي مبارڪ هجي جيڪو اڄ رات عِبَادت ڪري، ٻي دروازي جو ملائڪ پُڪاري رهيو هو: اُن کي مبارڪ هجي جيڪو اڄ رات سجدو ڪري، ٽئين دروازي جو ملائڪ آواز لڳائي رهيو هو: اُن کي مبارڪ هجي جيڪو اڄ رات رڪوع ڪري، چوٿين دروازي جو ملائڪ صدا لڳائي رهيو هو: اُن کي مبارڪ هجي جيڪو اڄ رات پنهنجي رَبّ ڪريم کان دُعا گهري، پنجين دروازي جو ملائڪ چئي رهيو هو: اُن کي مبارڪ هجي جيڪو اڄ رات الله پاڪ کان مُنَاجات ڪري، ڇهين دروازي جو ملائڪ چئي رهيو هو: اڄ جي رات مسلمانن کي مُبَارَڪ هجي، ستين دروازي جو ملائڪ چئي رهيو هو: الله پاڪ کي هڪ ميڄڻ وارن کي مبارڪ هجي، اٺين دروازي تي ملائڪ صدا لڳائي رهيو هو:

آهي ڪو توبہ ڪرڻ وارو جو ان جي توبہ قبول ڪئي وڃي، ٽئين دروازي جو ملائڪ صدا لڳائي رهيو هو: آهي ڪو بخشش طلب ڪرڻ وارو جو ان جي مغفرت ڪئي وڃي؟ ڏهين دروازي تي ملائڪ پُڪاري رهيو هو: آهي ڪو دُعا ڪرڻ وارو جو ان جي دُعا قبول ڪئي وڃي.

اهي رَحمت ڀريا منظر ڏسي سرڪارِ عالي وقار، اسان بيڪسن جي مددگار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اي جبريل! اهي دروازا ڪيستائين کليل رهندا؟ عرض ڪيائين: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ! فجر طُلوع ٿيڻ تائين. پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اڄوڪي رات ٻڪرين جي وارن کان بہ وڌيڪ ماڻهن جي مغفرت ڪئي ويندي آهي، اڄوڪي رات ماڻهن جي سڄي سال جا عمل (آسمانن ڏانهن) بلند ڪيا ويندا آهن ۽ اڄوڪي رات رِزق تقسيم ٿيندو آهي. (تاريخ اِبْنِ عساکر، جلد:51، صفحہ:72-73)

شَبِ براءَت میں ملتی ہے مومنوں کو نجات عجیب نور میں ڈھلتے ہوئے ملے لمحات

نویدِ جنّت و فردوس سب کو ملتی ہے خدا کے فضل سے ٹلتی ہیں دُنیوی آفات

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄوڪي رات توبہ جي رات آهي، اسان جي زِندگي ۾ ڪيترا ڀيرا شَبِ بَرَاءَت آئي ۽ گذري بہ وئي، هر سال اسان بيان ٻڌندا آهيون، نيڪ بڻجڻ جي نيت ۽ اِرادو ڪندا آهيون پر افسوس! دُنياوي ڪمن ۾ مَصرُوف ٿي پنهنجن ارادن ۾ ناڪام ٿي ويندا آهيون، الله پاڪ جو ڪيترو وڏو اِحسَان آهي جو هن زِندگي ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر اسان کي اها مبارڪ رات عطا فرمائي آهي، اچو! اَڄُ پَڪي، سچي توبہ ڪيون ٿا، حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلتَّائِبُ مِنَ الذَّنْبِ كَمَنْ لَّاذَنْبَ لَهٗ گُناه کان توبہ ڪرڻ وارو ائين آهي جيئن ان گُناه ڪيو ئي ناهي. (ابن ماجہ، ڪتابُ الزُّہد، باب: ذِكْرُ التّوبہ، صفحہ:689، حديث:4250)

تَوبہ ڪرڻ واري کان الله پاڪ ڪيترو راضِي ٿئي ٿو، ان کي رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ مثال جي ذريعي بيان فرمايو، حديثِ پاڪ جو خُلاصو آهي تہ بالفرض ڪو شخص جهنگ ۾ سَفَر ڪري رهيو هجي، اوچتو ان جي سُواري ڪٿي گُم ٿي وڃي، ان جو کاڌو، پاڻي وغيره بہ انهيءَ سُواري تي هجي، هاڻي هو سُواري کي ڳولڻ لڳي، ڳولهيندو رهي، ڳولهيندو رهي پر سُواري نہ ملي، آخر ٿڪجي هڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ ليٽي پئي، انهيءَ حالت ۾ اوچتو ان جي سُواري ان وٽ پاڻهي اچي وڃي تہ هاڻي اهو ڪيترو خوش ٿيندو...؟ اسان جا آقا و مولىٰ، مُحَمَّد مصطفىٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائن ٿا: الله پاڪ ان ٻانهي کان بہ وڌيڪ توبہ ڪرڻ واري کان راضِي ٿيندو آهي. (مسلم، كتابُ التَّوبہ، صفحہ:1053، حديث:2747)

الله پاڪ اسان سڀني کي سچي پڪي توبہ جي توفيق عطا فرمائي، اسان کي نيڪين ڀري وڏي زندگي نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم

الٰہی! رحم فرما میں سُدھرنا چاہتا ہوں اب    نبی کا تجھ کو صدقہ میں سُدھرنا چاہتا ہوں اب

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو

پيارا اسلامي ڀائرو! توبہ ڪرڻ، تَوبہ تي استقامت ۽ سُڌري ڪري نيڪين ڀري زِندگي گذارڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! اِن شَآءَ الله! هن جي برڪت سان نيڪ نمازي بڻجڻ، دِل ۾ عشقِ مصطفىٰ وڌائڻ، سُنتن تي عمل جو جذبو وڌائڻ، گُناهن کان بچڻ، ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪر ڪرڻ جو ذِهن بڻجندو. الحمد لله! دعوتِ اسلامي سڄي دُنيا ۾ دِين جو ڪم ڪرڻ، گهر گهر، گهٽي گهٽي سُنّتن کي عام ڪرڻ جي لاءِ هر وقت مَصرُوفِ عمل آهي، اوهان بہ هن نيڪ ڪم ۾ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو، 12 ديني ڪمن ۾ عملي طور حِصو وٺو ۽ نيڪي جي دَعوَت عام ڪري خوب خوب ثوابِ آخرت جا حق دار بڻجو. 12 ديني ڪمن مان ماهوار هڪ دِيني ڪم آهي: مدني قافلو. مدني قافلو وڏو پيارو ديني

ڪم آهي، ڇوتہ هن جي ذريعي نيڪي جي دعوت عام ٿيندي آهي، قرآن ۽ سُنَّت جو پيغام عام ٿيندو آهي، پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح ۾ بهترين مدد ملندي آهي. مدني قافلي ئي جي ذريعي عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جو پيغام سڄي دُنيا ۾ ڦهليو آهي ۽ اهو سفر جاري آهي.

## ڪراٽي باز جي توبہ

فيصل آباد جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ اچڻ کان پهريان منهنجو ڪردار بگڙيل هو، ڪوڙ غيبت، چغلي جهڙا گُنَاهہ منهنجي زبان تي رهندا هئا، بدنگاهي منهنجي معمولات ۾ شامِل هئي، مون مارشل آرٽ سکيو هو، ان جي ڪري ماڻهن کان هروڀرو جهيڙو ڪندو وتندو هئس، هر نئون فيشن اپنائيندو هئس، افسوس! نمازن کان ايترو پري هئس جو مون کي پنج نمازن جي رڪعتن جو تعداد بہ معلوم نہ هو، نيٺ منهنجي قسمت جو تارو چمڪيو، هڪ ڏينهن هڪ پُراڻي دوست سان منهنجي ملاقات ٿي، جيڪو دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي چڪو هو، ان مون کي مدني قافلي ۾ سَفَر جي دعوت ڏني، مان دوست جي ڳالهہ کي ٽاري نہ سگهيس ۽ هٿوهٿ 3 ڏينهن جي مدني قافلي جو مُسَافِر بڻجي ويس، مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سان مون کي زندگي جو مقصد معلوم ٿيو تہ پنهنجي گُنَاهن تي شرمساري ٿيڻ لڳي، منهنجي اکين تان غفلت جو پردو هٽي ويو، دِل جي ڪيفيت تبديل ٿيڻ لڳي، مان جڏهن بہ بيان ٻڌو تہ منهنجي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا، مدني قافلي تان واپسي جي ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ مون کي امیرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطارقادري رضوي ضيائي دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جي زيارت ٿي، سندن کي ڏسندي ئي سندن محبت منهنجي دِل ۾ ويهي وئي، مان هٿوهٿ سندن جو مريد بڻجي عطاري ٿي ويس، تمام گناهن کان توبہ ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي زِندگي گذارڻ لڳس. (عجیب الخلقت بچی، صفحہ:3)

رب کے در پر جھکیں، التجائیں کریں　　باب رحمت کھلیں، قافلے میں چلو
بے عمل باعمل بن گئے خاص کر　　آپ بھی دیکھ لیں، قافلے میں چلو
کر سَفَر آئیں گے، تو سُدھر جائیں گے　　اب نہ سُستی کریں، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب!　　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## "القرآن الڪريم" ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄ جو دور ٽيڪنالوجي جو دور آهي، هڪ تمام وڏو تعداد آهي جيڪو اينڊرائڊ موبائل (Android Mobile) يا آئي فون استعمال ڪري ٿو. الحمد لله! دعوتِ اسلامي اسان کي موبائل جي ذريعي به نيڪيون ڪمائڻ جا موقعا فراهم ڪري ٿي. دَعوَتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: Al Quran al kareem (القرآن الڪريم ). اها ايپلي ڪيشن Android ۽ IOS ٻنهي طرح جي ڊيوائسز تان ڊاؤن لوڊ ڪري آساني سان استعمال ڪري سگهجي ٿي، هن موبائل ايپلي ڪيشن ۾ ❖ مڪمل قرآنِ پاڪ پڙهڻ ۽ مختلف قارين جي آواز ۾ ٻڌڻ جي سهولت موجود آهي. ❖ هن سان گڏوگڏ ڪنهن مخصوص سورت يا آيت کي (بڪ مارڪ) Bookmark به ڪري سگهجي ٿو يعني هر هر پڙهڻ واري سورت يا آيت کي Bookmark جي سبب آساني سان پڙهي سگهجي ٿو.

اڄ ئي اها ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪريو، پاڻ به قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪريو ۽ ٻين کي به قرآنِ پاڪ پڙهڻ، ٻڌڻ جي ترغيب ڏياريو.

یہی ہے آرزو تعلیم قرآں عام ہو جائے　　ہر اِک پرچم سے اُونچا پرچم اسلام ہو جائے

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب!　　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مسلمان جي قبر تي وڃڻ سُنت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! شَبِ بَرَاءَت جي موقعي تي قبرستان جي حاضري ڏيڻ مسلمانن جو معمول رهيو آهي، لھٰذا بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي قبرستان وڃڻ جا آداب بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. اچو! پهريان قبرستان حاضِري بابت فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌون ٿا: اِبنِ ماجہ جي حديث شريف آهي: اللّٰه پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: كنتُ نَهَيتُكُم عَن زِيَارَةِ القُبُورِ ، فَزُورُوهَا فَإِنَّهَا تُزَهِّدُ فِي الدُّنيَا ، وَتُذَكِّرُ الآخِرَةَ. يعني مون توهان کي قبرن جي زيارت کان منع ڪيو هو هاڻي قبرن جي زيارت ڪيو بيشڪ قبرون ڏسڻ دُنيا کان بي رغبت ڪندو ۽ آخرت جي ياد ڏياريندو آهي. (ابن ماجہ ،کتاب: جنائز ، صفحہ: 234، حديث: 1443)

اي عاشقان رسول ! مسلمان جي قبر تي وڃڻ سُنَّتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي ۽ اولياءِ ڪرام و شُهداءِ عظام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام جي مزارن تي حاضري سعادت ئي سعادت ۽ انهن کي ايصالِ ثواب مَندُوب (يعني پسنديده) ۽ ثواب جو ڪم آهي. (فتاوٰی رضویہ ،جلد: 9، صفحہ: 532)

قبرستان حاضِر ٿي ڇا ڪرڻو آهي؟ اچو! ٻڌون ٿا: ❖ قبرستان ۾ هن طرح بيهو جو قبلي ڏانهن پٺي ۽ قبر وارن جي چهرن ڏانهن منهن هجي، ان کان پوءِ حديثِ پاڪ ۾ بيان ڪيل طريقي مطابق هيئن سلام ڪريو: اَلسَّلامُ عَلَيكم يا اَهلَ القُبُورِ يغفِرُ الله لَنَا وَلَكم اَنتُم سَلَفُنَا وَنَحنُ بِالاَثَر يعني اي قبر وارو! توهان تي سلام هجي، اللّٰه پاڪ اسان جي ۽ توهان جي بخشش فرمائي، توهان اسان کان پهريان اچي ويا ۽ اسان توهان کان پوءِ اچڻ وارا آهيون. (ترمذی، کتاب :جنائز، صفحہ: 275حدیث 1055۔ا) ❖ قبرستان ۾ داخِل ٿي اها دُعا پڙهجي: اَللّٰهُمَّ رَبَّ الاَجسَادِ البَالِيةِ وَالعِظَامِ النَّخِرَةِ الَّتِى خَرَجَت مِنَ الدُّنيا وَهِى بِكَ مُؤمِنَةٌ اَدخِل عَلَيهَا رَوحًا مِّن عِندِكَ وَسَلامًا مِّنِّى. (تَرجَمو: اي اللّٰه! اي ڳري وڃڻ وارن جسمن ۽ پراڻين هڏين جا ربّ! جيڪي دنيا مان ايمان جي حالت ۾ لاڏاڻو ڪري ته تون اُنهن تي پنهنجي رحمت فرما ۽ اُنهن کي منهنجو سلام پهچائي ڇڏ)

شرح صدور ۾ آهي جيڪو ٻانهو قبرستان ۾ داخل ٿي هيءَ دعا گهري، ته حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کان وٺي دعا پڙهڻ جي وقت تائين جيترا مسلمان فوت ٿيا هئا سڀ دعا پڙهڻ واري جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا. (شَرْحُ الصُّدُور، صفحہ:226۔)

جيڪڏهن قبر وٽ ويهڻ چاهيو ته قبر واري جي مرتبي جو لحاظ ڪندي باادب ويهي رهو. قبرن جي زيارت جي لاءِ 4 ڏينهن بهترين آهن: سومر، جمعرات، جمعو ۽ ڇنڇر. (فتاوٰی عا لمگیری، جلد:5صفحہ:350۔) جمعي جي ڏينهن صبح جي نماز کان پوءِ قبرن جي زيارت ڪرڻ افضل آهي. (فتاوٰی رضویہ، جلد: 9، صفحہ: 523) رات جو اڪيلو قبرستان نه وڃڻ گهرجي. بابرڪت راتين خاص طور تي شبّ برات ۾ قبرن جي زيارت ڪرڻ افضل آهي. (فتاوٰی عا لمگیری، جلد:5صفحہ:350۔) انهيءَ طرح بابرڪت ڏينهن مثال طور عيدالفطر، عيد قرباني، 10 محرم الحرام، ذالحجه جي ابتدائي 10 ڏينهن ۾ به قبرن جي زيارت افضل آهي. قبر جي مٿان"اگربتي" نه ٻاريو هن ۾ بي ادبي ۽ بدفالي آهي. ها! جيڪڏهن(حاضرين ڪي) خوشبو پهچائڻ مقصود هجي ته قبر وٽ خالي جڳهه تي لڳائي سگهجي ٿي ڇوته خوشبو پهچائڻ پسنديده عمل آهي. (فتاوٰی عا لمگیری، جلد:5صفحہ:350۔) قبر تي چراغ يا ميڻ بتي وغيره نه رکو، ها جيڪڏهن توهان وٽ"چارجر" ٽارچ يا ٽارچ واري موبائل نه هجي، گورنمنٽ جون به بتيون نه هجن يا بند هجن ۽ رات اونداهي ۾ هلندي يا ڏسي تلاوت ڪرڻ جي لاءِ روشني مقصود هجي، ته قبر جي هڪ طرف خالي زمين تي ميڻ بتي يا چراغ رکي سگهو ٿا. جڏهن ته اها خالي جڳهه اهڙي نه هجي جتي پهريان قبر وغيره هئي هاڻي مٽجي چڪي آهي. (قبر والوں کی 25 حکایات، صفحہ:45۔)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد